# سِجَ وثراءُ

(شاه جي بيتن جو انتخاب)

مرتب

مخدوم جميل الزمان

سِجَ وثراءُ

مخدوم جميل الزمان

2019ع

طالب المولیٰ اڪيڊمي، هالا

1440 هه / 2019ع

# سِجَ وڙاءُ

## (شاهه جي بيتن جو انتخاب)

مرتب

**مخدوم جميل الزمان**

طالب الموليٰ اڪيڊمي، هالا

۱۴۴۰ھ/ 2019ع



ڪتاب جا حق ۽ واسطا ڇپائيندڙ وٽ محفوظ


| | |
|---|---|
| ڪتاب جو نالو: | سِجَ وڙاءُ |
| مرتب: | مخدوم جميل الزمان |
| پهريون ڇاپو: | آگسٽ 1987ع |
| ٽئون ڇاپو: | آگسٽ 2019ع |
| ڪمپيوٽر لي آئوٽ: | عبدالله جروار |
| ڇپيندڙ: | سنڌيڪا اڪيڊمي، ڪراچي |
| ڇپائيندڙ: | طالب الموليٰ اڪيڊمي، هالا |
| پڙرو ڪندڙ: | گل پنهور سروري |
| قيمت: | =/350 روپيا |

طالب الموليٰ اڪيڊمي

هالا

Gul Hayat Institute

# فهرست


| | | |
|---|---|---|
| انتساب/خراجِ تحسين | مخدوم جميل الزمان | ز |
| پنهنجي پاران (پهريون ڇاپو) | مخدوم جميل الزمان | ح |
| پنهنجي پاران (ٻئون ڇاپو) | مخدوم جميل الزمان | ط |
| مهاڳ | رئيس علي احمد خان نظاماڻي | م |
| شاهہ جو رسالو (قلمي) عڪس | طالب الموليٰ لائبريري، هالا | ث |


## سِجَ وڙاءُ


### ڪلياڻ

عاشِقَ زهر پياڪَ 5
حبيبن هيڪار 6

### يمن ڪلياڻ

وِڏَي جن وڏياس 9
ويج مَ ٻُڪي ڏي 10
ڪيو مطالع مون 11
پاڙيءَ مٿي جهوپڙا 12
اجا تو منجهاءَ 13
هرهر هرائي 14
جيڪي ڏنائون 15
هو چونئي تون مَ چئو 16

### ڪنڀات

سهسين سجن اپري 19
چندَ لَڳَنئَي مَندَ 20
هُن تاري، هُن هنڌِ 21
تارا، تر، تروڪڙيون 22
ڇڳا چندا! ڇئيج 23
نَوَ نيئر ڏَه ڏاوڙيون 24

### سريراڳ

ڇڳا ڪن ڇڳائيون 27
اَڳهيو ڪائو ڪَچُ 28

### سهڻي

جياريس سنيار 31
گهڙيا سي چڙهيا 32





سپيريان جي تُرهي 33
ڏني ڏينهن ٿيام 34

### سسئي آبري

پيهي جان پاڻ ۾ 37
هيڪليائي هاڻِ 38

### معذوري

آئون نہ ڳڏي پرينءَ ڪي 41

### ديسي

اڳي اُٿ رڙن 45
ديسي سيڻ ڪجن 46
مون پانيو مون وٿ 47
رات ڏنائين روجهہ 48
سڪي جان ستياس 49

### ڪوهياري

ڏونگرا! ڏک سنداءِ 53
ڏونگرا! مون نہ ڏکوءِ 54
ٻئي وينا رون 55

### حسيني

سرتيون سُڄي سچ 59
پينرا! هن پنيور ۾ 60
لڇايا مونهان 61
جيڪي فراقان 62
ڦري آءُ فراق 63

سور نہ ساڳاهين 64
رئان تان راند 65
سرجي تان سور 66
آن جي ڏناهون 67
ڪيچ ۾ خبر هوءِ 68
اڳي ايئن هُياس 69

### ليلا چنيسر

الا! ڏاهي مَ ٿيان 73
ڇئي چنيسر چام سين 74
سيئي سهاڳڻيون 75

### مومل راڻو

جوڳيءَ تي جڙاءُ 79
ڪاڪ ڪڙهي وڻ ويا 80
اڄ نہ پسان سي 81

### مارئي

سونهہ وڃايم سومرا 85
هيڪ جِئن نہ ڄاياس 86
پاڇاهي نہ پاڙيان 87
جيڪس اُنا مينهن 88
مٿي ٿر رهي 89
ڪانڌ نہ ڪنديس ڪو ٻيو 90
هڏ نہ پڙان هيڪڙي 91
ماڙيءَ چڙهي ڏنام 92


Gul Hayat Institute

# انتساب/خراجِ تحسين

سِجَ وڙاءُ

جو انتساب شاهه جي پارڪو سنڌ جي قادر الڪلام شاعر

**سيّد احسن الهاشمي صاحب** رحمة الله عليه

سان ڪريان ٿو.

ڪيس

خراجِ تحسِين پيش ڪندي اهو لکندس ته ”حضرت شاهه ڀٽائيؒ جي ڪلام جي تشريح ۾ ادائگي جيئن احسن الهاشمي ڪئي شايد ڪو ڪندو هوندو.“

8 جون 2019ع
۴ شوّال ۱۴۴۰ھ
ڪراچي (شاهه جي سنڌ جو حصو)

**مخدوم جميل الزمان**



## پنهنجي پاران (پهريون ڇاپو)

حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائيؒ جو شمار انهن بي مثال انسانن ۾ ٿئي ٿو، جيڪي پنهنجو تعارف پاڻ هوندا آهن، بلڪ پنهنجي ديس جي شناس پڻ ليکيا ويندا آهن. سچ وڙاءُ، شاهه ڀٽائي جي بيتن جو انتخاب آهي.

هن ننڍڙي مگر دلڪش مجموعي جي ترتيب و تاليف لاءِ ”شاهه جي رسالي“ جي ٻن نسخن مان مدد ورتي وئي. جديد تحقيق موجب اڳين رسالن ۾ شاهه جي محققن جون يا ڪي ڇپائي جون غلطيون موجود آهن، هن مختصر ڪتاب ۾ ڪافي بيت جناب احسن الهاشمي صاحب جي مشوري ۽ صلاح بعد معمولي تبديلي سان شايع ڪيا پيا وڃن.

شاهه جي ڪلام جو انتخاب ڪندي مونکي نه رڳو خوشي ۽ مسرت حاصل ٿي پر گڏو گڏ مطالعي ۾ پڻ اضافو ٿيو. اميد اٿم ته دلربا دلربا (انتخاب ديوان طالب المولىٰ) وانگر سچ وڙاءُ ڪي به پسند ڪيو ويندو.

آءٌ جناب احسن الهاشمي، همدم سروري ۽ هالا پرنٽنگ پريس جي مڪمل تعاون جو ممنون آهيان.

19 آگسٽ 1987ع
۲۳ ذوالحج ۱۴۰۷ھ
اٿاس بنگلو هالا شريف

**مخدوم جميل الزمان**

Gul Hayat Institute

# پنهنجي پاران (نئون ڇاپو)

وليِ الله ﷻ حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي رحج جي حق آشنا ڪلام جي انتخاب ”سِچَ وڙاءُ“ جو نئون ڇاپو قارئين جي پيشِ خدمت آهي، هن جو پهريون ڇاپو ”ڏات ڪتابي سلسلو“ جي پاران آگسٽ 1987ع ۾ منظرِ عام تي آيو، جيڪو ”ڏات ڪتابي سلسلو“ جو غالباً پنجون ڪتاب هئو، انهن ڏينهن ۾ اها ڀرپور خواهش هئي ته مخدوم طالب الموليٰ، حافظ شيرازي، شاهه ڀٽائي ۽ غالب دهلوي جي شاعريءَ جي چونڊ ڪري ۽ ساڳئي اداري طرفان پڌرو ڪجي. خوش قسمتيءَ سان حضرت قبله مخدوم طالب الموليٰ سائين جي ڪلام (دلربا دلربا) ۽ حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي چونڊ ڪلام (سچ وڙاءُ) جا مجموعا شايع ٿي چُڪا آهن. حافظ ۽ غالب جو ڪلام به جلد منظر تي اچڻ گهرجي. انشاءَ الله ﷻ

سنڌ جي تهذيب ۽ ثقافت تي شاهه ڀٽائي جي شاعري جو اثر ”اظهر من الشمس“ جي مصداق آهي، ننڍپڻ ۾ حضرت شاهه ڀٽائي جا هي شعر ”اوّل الله ج عليم“ ۽ ”گهڙيا سي چڙهيا“ گهڻو ٻُڌڻ ۾ آيا. حضرت قبله طالب الموليٰ سائين رح جن جي ادبي ڪچهرين ۽ هالا هاءِ اسڪول ۾ پڙهائي دوران محترم شفيع محمد ڪپري صاحب (هيڊ ماستر) ۽ خليفي ڪريم بخش شيديءَ جي هڪبئي سان ”حضرت شاهه ڀٽائي رح“ بابت رهاڻ اسان سڀني دوستن کي هن ”سخن جي سمنڊ“ معنيٰ ”شاهه جي رسالي“ ڏي راغب ڪيو، جنهن تي سيد احسن الهاشمي ۽ سيد علي احمد شاهه ”ساقي سروري“ جي صحبت ”سون تي سهاڳي“ وارو ڪمال ڪري ڏيکاريو.



شاهه صاحب رح جو ڪلام هر مڪتبۂ فڪر جو اهلِ علم پڙهي ٿو ۽ هر پڙهندڙ سمجهي ٿو ته حقيقت ۾ شاهه ڀٽائي سندس مسلڪ ۽ مشرب سان وابسته هئو، منهنجي خيال ۾ ته اهو هڪ عظيم المرتب شاعر جي ڪلام جو ڪرشمو آهي.

فردوسي، خيام، سعدي ۽ حافظ وانگر نظامي (حڪيم جمال الدّين ابو محمّد الياس بن يوسف نظامي گنجوي 535-612هه) به فارسي زبان جو بهترين شاعر ٿي گذريو آهي. سندس مقبرو آذربائيجان جي مشهور شهر گنجه ۾ موجود آهي، آئون 14 اپريل 2018ع تي خاص طرح سان باڪو مان سندس مزار ڏسڻ لاءِ گنجه پهتس، دعا گُهرڻ بعد مزار جي منتظمين جي دعوت تي نه رڳو مزار جي اندرئين حصي ۾ وڃڻ جو موقعو مليو پر گڏو گڏ نظامي سان وابسته ڪتب خانه، ميوزيم ائين باغ و باغيچه به گهمي ڏٺاسين، جنهن مان اندازو ٿيو ته آذربائيجان جا ماڻهون پنهنجي نظاميءَ سان ڪيتري محبت ۽ عقيدت رکن ٿا. پاڪستان ۽ سنڌ جي حڪومتن مختلف اوقات ۾ حضرت شاهه ڀٽائي رح جي درگاهه جي قابل قدر خدمت ڪئي آهي، ان هوندي به سخت ضرورت آهي ته شاهه صاحب رح جي درگاهه ۽ ان سان لاڳاپيل تاريخي ماڳن ۽ مڪانن کي محفوظ ڪجي ۽ بين الاقوامي سطح جو جديد ڪامپليڪس قائم ڪيو وڃي. حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي رح جي درگاهه منهنجي تڪ (حلقۂ انتخاب) ۾ اچي ٿي، انشاءَ الله انهي قومي مقصد لاءِ منهنجي طرفان ڀرپور تحرڪ ورتو ويندو.

Gul Hayat Institute

سج وڙاءُ جي مهاڳ لکڻ لاءِ ڪتاب جو مسودو رستم علي سمون جي هٿان رئيس علي احمد خان نظاماڻي ڏي موڪليم، ڀ ڏينهن اڳ جڏهن سندس لکيل مهاڳ پڙهيم تہ مونکي پنهنجي انهيءَ فيصلي تي بيحد خوشيءَ ٿي. رئيس علي احمد خان پنهنجي مقالي ۾ حضرت شاهه ڀٽائيؒ جي ڪلام متعلق سٺي ۽ جامع معلومات ڏني آهي، نظاماڻي برادريءَ جي جن خوش نويسن جو ذڪر ڪيو اٿس اُنهن مان ڪجهه صاحبن جا لکيل قلمي نسخا طالب المولىٰ لائبرري ۾ موجود آهن. آئون چاهيندس تہ رئيس علي احمد خان نظاماڻيءَ جي صلاح ۽ مشوري سان سنڌ جي اهڙن بيمثال ماڻهن جا احوال قلمبند ڪري، طالب المولىٰ اڪيڊميءَ پاران منظرِ عام تي آندا وڃن. انشاءَ الله ﷻ

هن علمي ڪَم ۾ هٿ ونڊائڻ لاءِ رئيس علي احمد خان نظاماڻي، ماستر خادم حسين علوي ۽ ٻين جو ٿورائتو آهيان. مونکي يقين آهي تہ ٻٽيهہ (32) سال پهرين ڇپيل ”سج وڙاءُ“ جو هي ٿورين ترميمن سان نئون ڇاپو پسند ڪيو ويندو.

**مخدوم جميل الزمان**
چيئرمين
طالب المولىٰ اڪيڊمي

18 جون 2019ع
۱۴ شوال ۱۴۴۰هہ
ڪراچي

Gul Hayat Institute

# مهاڳ

مُحَبت پَائي مَن ۾ رَنـديا رَوڙيا جِـن،
تِـن جو صِـرافن اَڻ تَوريـو ئِـي اَگهايو.

رمضان شريف جي بابرڪت مهيني ۾ عيد کان ٻه ڏينهن اڳ 2 جون 2019 تي برادرم رستم سمون صاحب ڳوٺ ڪرم خان نظاماڻي آيو ۽ پاڻ سان گڏ قبلا مخدوم جميل الزمان صاحب جن جي طرفان حضرت سيد شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي رسالي جي منتخب بيتن جو اڻ ڇپيل مسودو کڻي آيو، جو ته هن ڪتاب ”سچ وڙاءُ“ کي ڇپائڻ لاءِ مخدوم صاحب جن ڪوشش ڪري رهيا آهن. ڪتاب مون کي سائين جن ان حوالي سان ڏنو آهي ته آئون ان جو مهاڳ لکان. پهرين ته حيران ٿي ويس ته ڪافي وقت کان وٺي منهنجو لکڻ وارو تجربو گهٽجي ويو آهي، پڙهڻ سان شوق هميشه وانگر رهي ٿو پر عمر ۽ وقت جي سببان لکڻ ڏانهن توجهه تمام گهٽ آهي، پر پوءِ خيال آيو ته حضرت سيد شاهه عبداللطيف ڀٽائي جهڙي عظيم هستي جي بيتن تي لکڻ جو شرف حاصل ٿئي ٿو ته پوءِ آخر ڇو نه لکجي، اها منهنجي لاءِ سعادت آهي ته قبلا مخدوم جميل الزمان سائين مون کي هن ڪتاب جو مهاڳ لکڻ لاءِ منتخب ڪيو آهي، جڏهن ته حضرت سيد شاهه عبداللطيف ڀٽائي سان اسان نظاماڻي برادري جي ان وقت کان وٺي شناسائي آهي جڏهن کان لطيف سرڪار جن هن دڙي تي يعني ڀٽ شاهه



آيا، آئون ان ۾ خوش قسمتي سمجهان ٿو ته مون کي پڻ موقعو ملي رهيو آهي ته آئون لطيف سرڪار جي هن بيتن واري ڪتاب تي ٻه اکر لکي رهيو آهيان، سڀ کان پهرين فقير غلام علي نظاماڻي هن لطيفي سلسلي سان وابسطه رهيا ۽ پوءِ محترم فقير تاج محمد نظاماڻي جنهن پنهنجي زندگي لطيف سرڪار جي پيغام کي عام ڪرڻ لاءِ وقف ڪري ڇڏي هئي، سندس 14 رسالا قلم سان لکيل آهن، دنيا جي ڪاروهنوار کي ڇڏي پنهنجي زندگي جو مقصد لطيفي پيغام کي عام ڪرڻ بنايو هو، تاج محمد نظاماڻي ڳوٺ باقر خان نظاماڻي جا آهن، سندس آخري آرامگاهه لطيف سرڪار جي پيراندي کان آهي.

پُنهل پِيراندي مُون نِماڻي نَصيب ٿِئي

ان کان پوءِ ساڳي نالي وارو منهنجي ڳوٺ ڪرم خان نظاماڻي جو رهاڪو تاج محمد نظاماڻي ٻه لطيف سرڪار جو هڪ قلمي نسخو لکيو، ان کان علاوه اميد علي نظاماڻي، علي ڏنو نظاماڻي ۽ عبدالرحمان نظاماڻي پڻ هڪ ننڍو پاڪيٽ سائيز قلمي رسالو لکيو، هي اسان نظاماڻين جي خوش قسمتي آهي جو لطيف سرڪار سان وابسته آهيون، لطيف سرڪار جي راڳ سان وابستگي منهنجي محسن دوست فقير غلام حيدر نظاماڻي کي خميس جي رات ملي جيڪا ٻه اسان نظاماڻين جي لاءِ سعادت آهي، اسان نظاماڻي برادري لطيف سرڪار سان فاصلي جي ڪري ٻه ويجها آهيون

۽ مخدوم صاحب جن جي درگاھ ۽ لطيفي سلسلو پڻ پاڻ ۾ گڏوگڏ آهن، ٻنهي درگاهن سان لاڳاپيل خاندانن سان احترام ۽ محبت وارو رشتو الحمدللہ اڄا تائين قائم و دائم آهي.

قبلا مخدوم جميل الزمان صاحب جن جو هي ڪتاب لطيف سرڪار سان بي انتها محبت جو لازوال تحفو آهي، ان کان اڳ مخدوم طالب المولىٰ جي لطيف سائين سان محبت بہ تمام گهڻي هئي ۽ پاڻ لطيف سائين جي فڪر کي وڌائڻ لاءِ تمام وڏو ڪم ڪيو، حضرت مخدوم محمد الزمان طالب المولىٰ سائين جي ڪاوشن سان ڀٽ شاھ شهر ۾ ڪلچر سينٽر جي قيام سميت پاڻ ساليانى ادبي ڪانفرنس جي بنياد وجهڻ وارن مان هئا، هي خاندان لطيف سائين جي فڪر سان دلي طور محبت رکي ٿو جو هي اهڙيون ڪاوشون هميشہ ورجائيندو رهي ٿو، آخرڪار لطيف سرڪار اسان جوئي آهي ڇو نہ ان سان محبت ڪريون پر لطيف سرڪار سان تہ پوري عالم انسانيت محبت ڪري ٿي، ان لاءِ تہ حضرت شاھ عبداللطيف ڀٽائي جو پيغام امن، انسانيت، ڀلائي ۽ روحانيت جو لازوال درس آهي، شاھ سائين جهڙا مهان انسان هن ڌرتي تي تمام گهٽ آيا آهن جن انسانن کي پنهنجو پيغام پيار سان پيري ڏنو آهي، لطيف سائين جي خانقاھ اسان کي اهو درس ڏئي ٿي تہ امن سان رهو، انسان سان پيار ڪريو، مالڪ کي نہ وساريو، دنيا جي ڪوڙ کي ڇڏي الله جي حقيقي رستي تي هلو، حضرت محمّد مصطفىٰ ﷺ جي ڏسيل راھ کي هرگز نہ ڇڏيو، درويش ۽ ولين جي



صحبت ۾ رهي انسانيت جو درس سکو.

لَالچ جَنين نہ خيال، هَلُو تَڪِيا پَسُون تِن جا

مخدوم صاحبن جي لطيف سرڪار سان محبت جو هڪ مثال اوهان کي پيش ڪريان ٿو، حضرت شاھ عبداللطيف جي راڳي ابراهيم فقير خاصخيلي بابت هڪ روايت مشهور آهي تہ مخدوم صاحب جن سال ۾ هڪ دفعو فقير ابراهيم خاصخيلي کي پنهنجي بنگلي تي مدعو ڪندا هئا ۽ هڪ بيت پڇندا هئا، ان بيت تي ٻارنهن مهينا اهلِ علم سان ويهي ويچار ڪندا هئا ۽ فقير کي تمام گهڻي عزت ڏيندا هئا ۽ اَن سان گڏ هڪ پسنديده جانور پڻ ڪيس تحفي طور ڏيندا هئا.

لطيف سائين جو پيغام الهامي ۽ آفاقي آهي سائين جو ماڻهن سان تعلق تمام ويجهو آهي هر ماڻهو لطيف سرڪار کي پنهنجي نظر سان ڏسندو آهي ۽ سيني جو پسنديده محبوب شاعر آهي، لطيف سرڪار جو الله سان عشق تمام مٿانهون آهي:

سارِي رات سُبحَانُ، جاڳِي جَنِ ياد ڪَيو ،
اُن جِي عبَداللطِيفُ چَئي مِٿيءَ لَڌو مَانُ،
ڪَوڙين ڪَنِ سَلامُ اَچِيو آسڻ اُنِ جي.

سائين جن پنهنجي هن بيت ۾ فرمايو آهي تہ جيڪي الله تعالىٰ جي ذات

Gul Hayat Institute

سان محبت ڪري سچيون راتيون جاڳن تا ان جي مٽي به مان واري ٿي ويندي آهي ۽ ڪئي انسان ان جي سلام لاءِ ايندا آهن. لطيف سرڪار جو هي تصوفي سلسلو ٻين سلسلن جيان الڳ (احديت) وارو سلسلو آهي. لطيفي فڪر رکندڙ انسان ۽ عام انسان ۾ ڪافي فرق هوندو آهي. لطيف سرڪار سان محبت رکندڙ انسان ٻين ماڻهن کان مختلف ۽ مانائتا هوندا آهن. آخر ائين ڇو نه ٿئي جو ايڏي وڏي هستيءَ سان وابستگي رکڻ وارو ماڻهو الڳ نظر اچي.

ڪيرَت وارا ڪِيترا، ڪُيرت ڪَبو ڪَوهه،
جِيڪي ڪَري ٻَندو، سَو سَيوئِي ڏوهه،
تُون پَارس آئون لُوهه، سَچين نہ سُونُ ٿِيان.

اها هڪ نشاني آهي ته جيڪو پارس سان لڳي وڃي ٿو اهو سون ٿي ويندو آهي. الله تعاليٰ پنهنجي پيارن ٻانهن کي اعليٰ مان مرتبي سان نوازيو آهي انهن اعليٰ انسانن مان اسان جو سائين حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي به هڪ آهي.

پَلي ڪَر ڀِيوم، هِي سَنگُ ٻَارُوچَن سِين،
وَڃين ڪِيچ ڏِٺُوم، پُٺي لَڳي جِن جي.

هي اسان جي خوشنصيبي آهي جو اسان جي وڏڙن لطيف سائين سان محبت رکي ان نسبت سان اسان به ڳنڍيل آهيون.



آئون مخدوم صاحب جن جو نهايت شڪر گذار آهيان جن مون کي قابل سمجهيو ته آئون هن ڪتاب جو مهاڳ لکان ۽ لطيف سرڪار سان محبت جو هي لازوال تحفو اهل محبت لاءِ ماڻڪ موتين کان گهٽ نه آهي. هن ڪتاب ”سچ وڙاءُ“ ۾ چاهي جو سُرن جي نسبت سان چند بيت منتخب ڪيا ويا آهن پر عشق جو پيمانو انهن ڳالهين جو محتاج نه هوندو آهي. لطيف سرڪار جو هڪ بيت زندگي کي تبديل ڪرڻ لاءِ ڪافي آهي.

هن ڪتاب ۾ رسالي جي چويهه سُرن مان بيتن جي چونڊ ڪئي وئي آهي. ڪنهن سُر مان گهڻ ته ڪنهن مان وڌيڪ. مثال طور سُر ڪلياڻ، سُر ڪاپائتي ۽ سُر ڏهر مان ٻه ٻه بيت ته سُر گهاتو، ڪيڏاري ۽ رامڪلي مان فقط هڪ هڪ بيت ڪتاب ۾ آندو ويو آهي. البت سارنگ ۽ سامونڊي جا ٻين سيني سُرن جي مقابلي ۾ وڌيڪ بيت ڏنا ويا آهن جن ۾ سامونڊي جا جملي ستاويهه ۽ سارنگ جا ڪُل سورنهن بيت ڪتاب ۾ شامل ڪيا ويا آهن. ٻئي پاسي هڪڙي به وائي هن ڪتاب ۾ شامل ڪانهي ڪئي وئي. سُر سارنگ جمالياتي شاعري جو وڏو مثال آهي، جنهن ۾ فطرت جي سونهن ۽ مينهن وسڻ جي منظر جو ذڪر وڏي ڪمال ۽ ذوق سان ڪيو ويو آهي. ان کان سواءِ سُر سارنگ ۾ پورهيت ڪلاس ۽ ڪنهن حد تائين مٿين طبقي جي معيشت جو ذڪر به موجود آهي. ان ۾ نه فقط ٿر پر يڪ فصلي واري دور جي ٻي سموري سنڌ به شامل آهي.

Gul Hayat Institute

ڪَڪَرَ مَنجِھ ڪَپارَ، جُھڙُ نيٽَئُون نہ لَهي،
جَھڙا مُنهنجا سُپرِين، تِهَڙا ميگھ مَلهارَ،
ڪَنُ اَڪِيُون ڪِلُ يارَ، وِجن سُورَ سَنڌا ڪَيو.

لطيف سائين هن بيت ۾ ڪڪرن جي مشابهت پنهنجي محبوب جي اکين سان ملائي ٿو، محبوب ڪي سامهون ٿي لطيف سائين فرمائين ٿا تہ اي منهنجا محبوب تون مون ڏي ڏسي نهار ۽ کِلُ تہ سور لهي وڃن.

جِيارِيَسِ سَنيارَ، ڪوهُ ڪَرِينديس گَڏِجي،
وِيرَو تارِ وُجُودَ ۾، پِرِينءَ جِي پَچارَ،
سِي سَجَڻَ هُون نَہ ڏارَ، جي هِنيئين ۾ حَلُ ٿِئا.

لطيف سرڪار جن فرمائين ٿا تہ جن جي سنپار مون کي جياريو آهي ان سان ملڻ کان پوءِ اها سنپال ختم ٿي ويندي تہ ان گڏجڻ جو بہ ڪو مطلب نہ آهي، جيڪي محبوب منهنجي من ۾ رهن ٿا ان جي پچار هر وقت منهنجي وجود ۾ رهي ٿي، اهي پرين ڪڏهن بہ ڌار نہ ٿين جيڪي منهنجي هينئين ۾ حل ٿي ويا آهن، هجر جي باھ انسان کي اعليٰ منصبن تائين پهچائي ٿي، وصال تہ محبوب سان ملڻ جي منزل هوندي آهي پر ان کان اڳ فراق اندر کي باھ جيان پچائي پختو ڪندو آهي، جيئين عربي ۾ آهي تہ ”الفراق اشهد من الموت“ يعني فراق موت جي برابر آهي.



مُون پانئيون مُون وَٽِ، هَمِيشہ هُوندا پرين،
ويڙهو ڏَئي وِيڪرو، پَهري وَيا پَٽِ،
سَاھ جَنين جِي سِٽ، وِڪيم ٿي وَڪار ۾.

سر سسئي (ديسي) جي هن بيت ۾ لطيف سائين جن سسئي جي زباني فرمائين ٿا تہ جيڪي ڏير مون وٽ آيا آهن اهي هميشہ هتي مون وٽ موجود هوندا پر ائين نہ ٿيو هو مون کي جدائيءَ جو وڏو وڇوڙو ڏئي مون کان پنهون وٺي ويا، ان پنهون سان منهنجي ساھ جون رڳون ڳنڍيل آهن، آئون ان پنهون کان سواءِ جدائيءَ ۾ رهي نٿي سگهان.

پَڳُو آئُون نَہ چَوان، مَاريو هُوئي تَہ وسهَان،
ڪَانڌَ مُنهن ۾ ڏَڪِڙا، سِيڪيندي سُهان،
تَہ پِڻ لَڄ مَران، جِي هُونس پُٺ ۾.

لطيف سرڪار جي هن ڪيڏاري جي بيت ۾ فرمايو آهي تہ بهادر هميشہ ميدانن ۾ ئي شهيد يا غازي ٿيندا آهن، هو ڪڏهن بہ واپسي واري راھ اختيار نہ ڪندا آهن، جيئن هڪ بيت ۾ فرمايو اٿن تہ ”موٽڻ جنين مهٽو، پڙ تي سيئي پون“ هن بيت ۾ سائين چيو آهي تہ پڳو آئون نہ چوان، ماريو هوئي تہ وسهان يعني بزدلي جا انڪاري ٿين ٿا ۽ بهاديءَ کي گلي لڳائين ٿا، بزدليءَ جي زندگيءَ کان بهاديءَ جو موت ڪيتري قدر مٿانهون آهي، جيڪڏهن پڳو هجي تہ اها ڳالھ منهنجي لاءِ شرم جو باعث آهي، هن آفاقي فڪر جي پيمانو

Gul Hayat Institute

انسان کي اعليٰ درجن جي سوچ جو سبب بنجي ٿو، هميشھ اهي انسان هن دنيا ۾ ڪامياب ٿين ٿا جيڪي هتي جي ڪنهن هٿ وڏائيءَ کان نٽا ڏجن، لطيف سرڪار اسان کي هڪ اهڙو درس ڏنو آهي جنهن ۾ هميشھ جي لاءِ زنده رهڻ جو نسخو موجود آهي، يعني اسان جي هن جسماني موت اسان جي ڪردار کي ڪڏهن بہ موت نہ ڏئي سگهي ۽ اهو درس حضرت سيد شاھ عبداللطيف ڀٽائي جي سر ڪيڏاري ۾ موجود آهي، سر ڪيڏارو بهادري ۽ انسانيت سيکاري ٿو، پنهنجن جي سار لهڻ لاءِ بہ هن سُر ۾ اسان جي لاءِ درس موجود آهي.

هَٽڻ هَڪِلڻ، ڀِيلي سَارڻ اي مَانجهائي مَرڪُ،
وِجهــن تَــان نَــہ فَــرق، رُڪ وَهنــدي رَانــد ۾.

پڙهندڙن جي لاءِ هن ڪتاب ۾ سائين مخدوم جميل الزمان پنهنجي پسند جا بيت ڏئي لطيف سرڪار سان محبت جو خانداني سلسلو قائم ڪيو آهي ۽ پنهنجي نسل، سروري جماعت ۽ سنڌي قوم ڏانهن هي پيغام وڏايو آهي، اميد آهي تہ لطيف سرڪار سان هن خاندان جي پيار واري نسبت هميشھ قائم و دائم رهندي ۽ مخدوم صاحب جن لطيف سرڪار جي پيغام کي عام ڪرڻ ۾ اڳي کان اڳڀرا رهندا ۽ هي ڪتاب محبت رکندڙن لاءِ پيار وارو تحفو آهي، هن ڪتاب مان معلوم ٿئي ٿو تہ لطيف سائين جي



تعليمات جو حاصل منهنجي خيال ۾ هي چار نڪتا آهن:

1. الله تعاليٰ ؒ جي وحدانيت،
2. رسولؐ ۽ آلِ رسولؐ سان عقيدت،
3. پنهنجي ڌرتيءَ سان پيار،
4. انسانن جي ڀلائيءَ لاءِ عدم تشدد جي بنيادن تي جدوجهد ڪرڻ.

(وما علينا الا البلاغ المبين)

ستر ڪج ستار، آئون عيبن اُگهاڙي آهيان،
ڍڪين ڍڪڻ هار ڏيئي پاند پناھ جو.

نياز مند

**رئيس علي احمد خان نظاماڻي**

ڳوٺ ڪرم خان نظاماڻي

14-06-2019

Gul Hayat Institute

# شاهه جو رسالو

# (قلمي) عڪس







Gul Hayat Institute



قدئ ان کیمیاجو بیت ۳۸ ذکوین اهنغان کلهن قاق

کنغ وه وجن گوند سگتی کوکه اچین بات و سورن

نسان سنان منیکی بی بینه کیو

تمت تمام شد روی

شیطان سیاه شد کافر مسلمان شد

نویسنده احقر العباد نیک محمد نظامائ

Gul Hayat Institute

جوڳيءَ تي جَڙاءُ، نِسوروئِي نِينهن جو
پَتَنگَ جِئن پيدا ٿِئو، سامِي سِچَ وَڙاءُ
آيو ڪاڪِ تَڙاءُ، ڪُنوارِين ڪَڪَورِئو.•

• شاهہ جو رسالو (علامہ آءِ آءِ قاضي) ص:591

# سچ وڙاءُ

Gul Hayat Institute

# کلیاٹ

Gul Hayat Institute

عاشِقَ زهر پياڪَ      وهُہ پسيو وِهُسَن گهٽو
ڪڙي ۽ قاتل جا      هميشہ هيراڪَ
لڳين لنؤ لطيف چئي      فنا ڪيا فراقَ
توٽي چڪنن چاڪَ      تہ بہ آهہَ نہ سلين عام سين[1]

[1] شاهہ جو رسالو (علامہ آءِ آءِ قاضي) ص:11



حبيبن هيڪار      منجهان مِهر سڏ ڪيو
سو مون سڀ ڄمار      اورڻ اُهوئي ٿيو.[2]

[2] شاهہ جو رسالو (علامہ آءِ آءِ قاضي) ص:16

Gul Hayat Institute

یمن
کلیاݨ

Gul Hayat Institute

وڏِي جـــــن وڏيـــــاس وري ويــج ئـي سـي ٿيـا
تـــرت ٻـــڏائون پٿيـــون روز کيــــــــائون راس[3]
هينئـــڙا تنـــين پـــاس گھار تہ گھايل نہ ٿيئين[4]

[3] نوبنو.
[4] شاهہ جو رسالو (علامہ آءِ آءِ قاضي) ص:26



ويـــج مَ ٻُکـــي ڏي الا! چڱـــي مَ ٿيـــان
ســـڄڻ مـــانَ اچـــي کـر لاهـو[5] ٿـي کـڏهين[6]

[5] خبر لهڻ وارو
[6] شاهہ جو رسالو (علامہ آءِ آءِ قاضي) ص:26

Gul Hayat Institute

کيــو مطـــالع مـــون    هـو جـو ورق وصـال جـو
تــنهن ۾ تــونهين تــون    ٻي لات نہ لحظي[7] جيتري.[8]

[7] ذري
[8] شاھہ جو رسالو (علامہ آءِ آءِ قاضي) ص:45



پــاڻيءَ مثــي جهــوپڙا    مـــــورک اُج مــــرن
ســـاهان اوڏا ســـپرين    لــو چــي تـــان نـــہ لهـــن
دم نــــــہ ســـــيجاڻن    دانهـون کـن مـثن جيـئن.[9]

[9] شاھہ جو رسالو (علامہ آءِ آءِ قاضي) ص:355

Gul Hayat Institute

اجـــا تـــو منجهـــاءَ ڪَـڪَ چتـي رت نڪـري
مــنهن ۾ محبــوبن جــا ڪيــئن جهلينــدين گهــاءَ
ســو تــون ڪجاڙِئــاءَ سڪڻ جون سڌون ڪرين.[10]

[10] شاهہ جو رسالو (علامہ آءِ آءِ قاضي) ص:56



هرهـــــر هرائـــــي[11] وجـــڻ در دوســـتن جـــي
پـــاڙي راهــہ پــرين جــي اُج مَ اوائـــــــي[12]
الــــڙ[13] آچ مَ تـــــون واٽـــــاڙن وائـــــي[14]
لائينــدءِ لطيــف چئــي ســــــوران ســـــرهائي
ڳجهـــــو ڳالهـــــائي پـــرت وٽجـــي پـــاڻ ۾[15]

[11] هلڪڙائي
[12] موڳي
[13] نادان
[14] راز
[15] شاهہ جو رسالو (علامہ آءِ آءِ قاضي) ص:59

جيڪـــــي ڏنـــــائون    سو سر ڏئي سھ جندڙا
مَ چئـــــو چنـــــائون    اي پـڻ ڳنـديو سـڄڻن[16]

[16] شاھ جو رسالو (علامہ آءِ آءِ قاضي) ص: 61



ھو چونئي تون مَ چئو    واتـــــان ورائـــــي
اڳ اڳرائـي جـو ڪـري    خطـــا ســـو ڪـــائي
پانـــــد ۾ پـــــائي    ويو ڪيني وارو ڪين ڪي[17]

[17] شاھ جو رسالو (علامہ آءِ آءِ قاضي) ص: 62

Gul Hayat Institute

# کنپات

Gul Hayat Institute

سهسين سجن ايري        چوراسي چنڊن
بالله ؑ ري پرين        سڀ انداهي پانئيان[18]

18 شاهہ جو رسالو (علامہ آءِ آءِ قاضي) ص: 70



چنڊَ لَڳنئَي مَنڊَ        سنجهي ئي سيخ ٿيين
ڪر اونداهي اَنڌَ        تہ ملان محبوبن کي[19]

19 شاهہ جو رسالو (علامہ آءِ آءِ قاضي) ص: 70

Gul Hayat Institute

هُـــن تـــاري، هُـــن هنـــڌِ    هُـــت منهنجـــا ســـپرين
ســـڄڻ مـــاکي منـــڌِ    کئوڙا ٿين نہ کڏهين[20]

[20] شاهہ جو رسالو (علامہ آءِ آءِ قاضي) ص: 72



تـــارا، تـــر، تروڪـــڙيـــون[21]    مَـــــــــتِنِ ڦُلَڙِيـــــــون[22]
کـــوءِ![23] ســـي راتڙيـــون    جي مون پرينءَ پڄاڻان پيئون[24]

[21] نندڙا تر
[22] ڦليون
[23] کڏهن
[24] شاهہ جو رسالو (علامہ آءِ آءِ قاضي) ص:

Gul Hayat Institute

چڱا چنڊ! چئيج سنيها کي سڄڻين
مٿان اڱڻ اُيري پرين جي پئيج
جهيڻون ڳالهائيج پيرين وجهي هٿڙا[25]





ٿوَ نيئر ڏّہ ڏاوڙيون پنڌرهن پَينڌَ پياس
جڏهن سڄڻ ياد پياس چرڪ چنائين هيڪڙي[26]



Gul Hayat Institute

# سریراگ

Gul Hayat Institute

چڱا ڪن چڱائيون    مَتنائيون مَتن
جو وڙ جڙي جن سين    سو وڙ سيئي ڪن[27]

[27] شاھ جو رسالو (علامہ آءِ آءِ قاضي) ص: 307



اَڳهيو ڪائو ڪَچُ    ماڻڪن موٽ ٿي
پلئہ پايو سچ    آچيندي لج مران[28]

[28] شاھ جو رسالو (علامہ آءِ آءِ قاضي) ص: 309

Gul Hayat Institute

# سهٽي

Gul Hayat Institute

جياريس سنپار[29] — ڪوهه ڪرينديس گڏجي
ويرو تار وجود ۾ — پرين جي پچار
سي سجڻ هون نه ڏار — جي هينئين ۾ حل ٿيا[30]

[29] چڙن جو آواز
[30] شاهه جو رسالو (علامه آءِ آءِ قاضي) ص: 764



گهڙيا سي چڙهيا — اينهين اٿيئي
مئي متي مهراڻ ۾ — پئو ٽپو ڏيئي
ته ميهار مليئي — سنپوڙو سيڻاه[31] سين[32]

[31] ترڻ لاءِ ڪکن جو ويڙهو
[32] شاهه جو رسالو (علامه آءِ آءِ قاضي) ص: 784

Gul Hayat Institute

سپيريان جي ٽُرهي    ٻڌين، هٿ مَ لاءِ
صُباح تان چونداءِ    اسان تو اُڪاريو[33]

33 شاهہ جو رسالو (علامہ آءِ آءِ قاضي) ص: 759



ڏٺي ڏينهن ٽيام    ڪُهُہ ڄاڻان کهڙا پرين
سهسين سج اُلهي    واجهائيندي ويام
تنهين سال ٽيام    جنهين ساعت نہ سهان[34]

34 شاهہ جو رسالو (علامہ آءِ آءِ قاضي) ص: 807

Gul Hayat Institute

# سسئي
# آبري

Gul Hayat Institute

پيهي جان پاڻ ۾ — ڪَيَم روح رهاڻ
تہ نڪو ڏونگر ڏيهہ ۾ — نڪا ڪيچين ڪاڻ
پنهون ٿيس پاڻ — سسئي تان سور هئا[35]

[35] شاهہ جو رسالو (علامہ آءِ آءِ قاضي) ص: 404



هيڪليائي هاڻِ — پوريندیس[36] پنهونءَ ڏي
ڪنديس ڪوهيارل[37] سين — رچي[38] روح رهاڻ
رلي چلي چپرين — ڪنهن پر لاهيان ڪاڻ[39]
آهيان گهٽو اڄاڻ — پر سور پريان جا ساڻ مون[40]

[36] هلندس
[37] جبل جو رهندڙ
[38] خوش ٿي
[39] عيب
[40] شاهہ جو رسالو (علامہ آءِ آءِ قاضي) ص: 398

Gul Hayat Institute

# معذوري

Gul Hayat Institute

آئون نہ گڏي پرينءَ کي     پويـــون ٿيـــو پســـاه
سـکان ٿـي سـکرات ۾     رويـــو پڇـــان راهـــ
شـــال مَ وجـــيم ســـاهہ     ڏارا پســـڻ پـــرين جـــي[41]

Gul Hayat Institute

[41] شاهہ جو رسالو (علامہ آءِ آءِ قاضي) ص: 432

ديسي

Gul Hayat Institute

اڱـــــــي اُٿ رڙن　　مـون پيـري مـاٺ ٿيـي
پلاڙينـــــدي پـــاڻ ۾　　ڪڇيـو ڪـين ڪـتن
ڪـا جـا مـام[42] مـتن　　هِنِ پُـڙِ هئـي هُـنِ سين[43]

[42] ڳجهي صلاح
[43] شاهہ جو رسالو (علامہ آءِ آءِ قاضي) ص: 443



ديسـي سـيڻ ڪجـن　　پرديسـي کهـڙا پـرين
لـڏيو، لاڏوڻـا ڪيـو　　پنهنجـي ديـس وجـن
پڄاڻـــان پـــرين　　ڪجـي بـس پنيـور ڪـان[44]

[44] شاهہ جو رسالو (علامہ آءِ آءِ قاضي) ص: 444

Gul Hayat Institute

مــون پــانيو مــون وٿ    هميشـــ هونـــدا پـــرين
ويڙهــو ڏيئـي ويـكـرو[45]    پهـــــري ويـــا پـــــٿ
ساهہ جنـين جـي سـٽ[46]    وكـيم ٿـي وڌكـار ۾[47]

---

[45] وڏو چڪر ڏيئي
[46] عيوض
[47] شاهہ جو رسالو (علامہ آءِ آءِ قاضي) ص: 457



رات ڏٺـــائين روجهـــ    پـــانءِ ڪ اوٺـــي آئيـــا
پريتڻـــي[48] پـــرينءَ جـــي    ســـڪڻ ڪـــي ســـبوجهہ[49]
هئـــي گهڻـــو ابوجهـــ    سورن سونهائي[50] سسئي[51]

---

[48] عشق
[49] عقل واري
[50] هوشيار ڪئي
[51] شاهہ جو رسالو (علامہ آءِ آءِ قاضي) ص: 467

سڪي جان ستياس — تان سڪ سهڻ نہ ڏئي
جاڳي ستيس جن لاءِ — سي آيا تان نہ اُٿياس
پينر آئون پلياس — نہ تہ سڪ سمهڻ ڇا لڳي [52]

[52] شاهہ جو رسالو (علامہ آءِ آءِ قاضي) ص: 479

Gul Hayat Institute

كوهياري

Gul Hayat Institute

ڏونگر! ڏک سنداءِ پرينءَ گڏجان تہ چوان
پنيءَ ٿيين پورائون ٻيا ونگا ور سنداءِ
چڱي ڪان ڪياءِ پير وڃائي پرينءَ جو[53]

[53] شاھ جو رسالو (علامہ آءِ آءِ قاضي) ص: 489



ڏونگر! مون نہ ڏکوءِ آئون اڳ ڏکوئي آهيان
ساريان ڪون سکوءِ[54] سور گھٽيئي سنيران[55]

[54] ڪوسک
[55] شاھ جو رسالو (علامہ آءِ آءِ قاضي) ص: 490

Gul Hayat Institute

ٻئــــــي ويٺـــــا رون ڏكـــي، ڏونگـــر پـــاڻ ۾
كنهن كي كين چون مـــنجهن جـــو پريتـــون.[56]

[56] شاهہ جو رسالو (علامہ آءِ آءِ قاضي) ص: 492

Gul Hayat Institute

# حسيني

Gul Hayat Institute

سرتيون سُڄي سڄ     متان ڪا مون سين هلي
پاٽي ناهہ، پنڌ گهٽون     اڳيان رائو سُڄي رڄ
متان مري اڄ     ڪا، ڏئي پاراتو پرين ڪي.[57]

[57] شاهہ جو رسالو (علامہ آءِ آءِ قاضي) ص: 511



پينر! هن پنيور ۾     گهايل ٿي گهاريان
سڄڻ جي سانگ ويا     سيئي ٿي ساريان
سي ڪيئن وساريان     جي وٿان مون واٽ ويا[58]

[58] شاهہ جو رسالو (علامہ آءِ آءِ قاضي) ص: 518

Gul Hayat Institute

لڇايـــــا مونهـــــــان[59]      ســـاجهر تـــي ســـيڻ ويـــا
پـــــين پنيـــــــوران      ســـڌ منهنجـــي ذات جـــي[60]

[59] مون کان
[60] شاهہ جو رسالو (علامہ آءِ آءِ قاضي) ص: 520



جيڪـــــي فراقـــــــان      ســـو وصـــالان نـــہ ٿيئـــي
اڇـــــــي اوطاقـــــــان      مونکي پرين پري ڪيو.[61]

[61] شاهہ جو رسالو (علامہ آءِ آءِ قاضي) ص: 527

Gul Hayat Institute

ڦري آءُ فراق مونکي وصالان وچ پِيو
جي ٿي چڪيم چاڪ سي پرين ڳڌ جي پوريا.[62]

[62] شاهہ جو رسالو (علامہ آءِ آءِ قاضي) ص: 527



سور نہ ساڱاهين[63] ڏين اڏما اوچتا
مون کي مون پرين جا اَميا[64] آهين
لڄون جي لاهين سيئي ٿيم سامهان.[65]

[63] خيال ڪن
[64] آميا
[65] شاهہ جو رسالو (علامہ آءِ آءِ قاضي) ص: 530

Gul Hayat Institute

**رئان تان راند    کلان تان کامي هيئون**
**اکڙيون ويساند[66]    پرينءَ گڏجي ڪنديون.[67]**

[66] آرام
[67] شاهہ جو رسالو (علامہ آءِ آءِ قاضي) ص: 544



**سرجي تان سور    ساماٽي تان سڪَ ويا**
**اهي بئي پور[68]    نماٽيءَ نصيب ٿيا.[69]**

[68] منزلون
[69] شاهہ جو رسالو (علامہ آءِ آءِ قاضي) ص: 557

Gul Hayat Institute

آن جـــي ڏنـــاهون اللهﷻ ڪارڻ ڳالهہ ڪريو
نـــيڻ منهنجـــا رون راتـــو ڏينهـــان اُنِ ڪـــي[70]

[70] شاهہ جو رسالو (علامہ آءِ آءِ قاضي) ص: 559



ڪـــيچ ۾ خبـــر هـــوءِ هـــن منهنجـــي ذات جـــي
متـــان پنهـــون پـــوءِ لـــج منهنجـــي لـــوءِ ۾[71]

[71] ٻي پڙهڻي لاءِ ڏسو:
شاهہ جو رسالو (ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ)ص: 239

Gul Hayat Institute

اڳـــي ايـــئن هُيـــاس جيئن پنھونءَ ڏوتم ڪپڙا
هـــاڻي ائـــين ٿيـــاس جيئن جَتَ نہ نينم پاڻَ سين[72]

[72] شاھہ جو رسالو (علامہ آءِ آءِ قاضي) ص: 568

Gul Hayat Institute

لیلا چنیسر

Gul Hayat Institute

الا! ڏاهـــــي مَ ٿيـــــان      ڏاهيــــــون ڏک ڏســـــن
مــون سين مــون پــرين      پــورائي[73] ۾ پــال ڪيــا.[74]

[73] ابوجهائي
[74] شاهہ جو رسالو (علامہ آءِ آءِ قاضي) ص: 579



چئي چنيسر چام سين      لِـــــيلا تـــــون مَ لڪـــــاءِ
اِيُ ڪانڌ ڪنهنجو نہ ٿئي      نــہ ڪــا مــون نــہ تــون[75]
رئنــديون ڏٺيــون مــون      ان درمٿـــــي دادليـــــون.[76]

[75] ڪيس منهنجي ۽ تنهنجي پرواهہ نہ آهي
[76] شاهہ جو رسالو (علامہ آءِ آءِ قاضي) ص: 581

Gul Hayat Institute

سيپيئي سهاڳڻيون سپيني ڳچيءَ هس[77]
پسڻ ڪارڻ پرينءَ جِي وڏا ڪيائون وسَ
ڊول تنين جي گس[78] هيئاهيون هلن جي.[79]

[77] دهريون–زيور
[78] واٽ– رستي
[79] شاهہ جو رسالو (علامہ آءِ آءِ قاضي) ص: 583

Gul Hayat Institute

# مومل راڻو

Gul Hayat Institute

جــوڳيءَ تـــي جـــڙاءُ[80]    نســورو ئــي نيــنهن جــو
پتنــگ جيـئن پيـدا ٿيـو    ســــامي ســــج وڙاءُ[81]
آيـــو كـــاك تـــڙاءُ[82]    ڪُنئــارِن ڪكوريـــو[83]

80 رونق- زيب
81 سج جي رنگ وارو
82 رنگي چڙيو
83 شاهہ جو رسالو (علامہ آءِ آءِ قاضي) ص: 591



كـاك كڙهـي وڻ ويـا    ٻريـــا رنـــگَ رتـــول[84]
تـــو پڄاڻـــان ســـپرين    هينـــڙي اچـــن هـــول[85]
جي مون سين كيئي قول    سي سگها پارج سپرين.[86]

84 ٻاڙها
85 ٻپ- فكر
86 شاهہ جو رسالو (علامہ آءِ آءِ قاضي) ص: 620

اڄ نه پسان سي    آتڻ ڪتم جن سين
هاڻ تنين کي    ڪنڌيَ ڪاڪ نهاريان.[87]

Gul Hayat Institute

---

[87] شاهہ جو رسالو (علامہ آءِ آءِ قاضي) ص: 616

مارئي

Gul Hayat Institute

سونهن وجايم سومرا ميرو مُنهن ٿيوم
وڃڻ تت پيوم جت هلڻ ناه حسن ري.[88]

[88] شاهہ جو رسالو (علامہ آءِ آءِ قاضي) ص: 721



هيڪ جِئن نہ ڄاياس ٻيو ڄاپندي جي مران
گنگهر[89] گهڻو ٿياس ڄاپي ماروئڙن کي.[90]

[89] جنجال- پريشاني
[90] شاهہ جو رسالو (علامہ آءِ آءِ قاضي) ص: 724

Gul Hayat Institute

پاچــاهي نــہ پاڙيــان سـرتيون سـئي سـاڱ
ڍڪــي اگهــاڙن ڪــي ڪـين ڍڪيـائين پـاڱ
ٻيهــر چـاپي ڄـاڱ ابـر جي اوصـاف ڪـي.[91]

[91] شاهہ جو رسالو (علامہ آءِ آءِ قاضي) ص: 733



جـيڪس اُتـا ميــنهن مونهــان پــوءِ مليــر ۾
ڪالهہ سڄو ئي ڏيـنهن منهنجي اکڙين اُڪِيرِيو.[92]

[92] شاهہ جو رسالو (علامہ آءِ آءِ قاضي) ص: 751

Gul Hayat Institute

مٺـــي ٿـــر رهـــي      وئـــا گـــذري ڏينهنـــڙا
ڪـڏهن ڪـو نـہ آئيـو      تـــن پهنـــوارن پهـــي[93]
وئـــڙا ســـي وهـــي[94]      جنب گذاريم جن سين.[95]

[93] قاصد
[94] هليا
[95] شاهہ جو رسالو (علامہ آءِ آءِ قاضي) ص: 742



ڪانڌ نہ ڪنديس ڪو ٻيو      ڪٿيئـــرو ئـــي خـــوب
ميـــرو ئـــي محبـــوب      اســـان مـــارو مـــن ۾.[96]

[96] شاهہ جو رسالو (ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ)، ص: 361

Gul Hayat Institute

هـڏ نـہ پـڙان هيڪـڙي　　ٿـــوري ٿـــر ڄـــاين
مـــونکي مـــاروئڙن　　ميـري ڪـري نـہ موٽيـو.[97]

[97] شاهہ جو رسالو (علامہ آءِ آءِ قاضي) ص: 713



مـــاڙيءَ چڙهـــي ڏنـــام　　پکـــا پنهـــوارن جـــا
هڪـــڙا اڳيئـــي سـهـٽا　　ٻيـــو مـــٽن ميـــنهن اٺـــام
کهـــڙا ڏوهـــہ ڪيـــام　　مارو ٿر آئون منجهہ ماڙيئين.[98]

98

کاموڎ

Gul Hayat Institute

کاڄ جنين جو ڪِڪِيون | مال جنين جا مڏ
سمي سيئي سيڻ ڪئا | هيڻا جن جا هڏ
ڄام پرتئي لڏ | سانگين جي سيد چئي.[99]

---

[99] شاهہ جو رسالو (علامہ آءِ آءِ قاضي) ص: 342



مهاڻيءَ جي من ۾ | نہ گيرب نہ گاءُ
نيڻن سين ناز ڪري | ريجهايائين راءُ[100]
سمون سين وڙاءُ[101] | هيريائين حرفت[102] سين[103]

---

[100] راجا
[101] سين وچان
[102] عقل سان
[103] شاهہ جو رسالو (علامہ آءِ آءِ قاضي) ص: 345

Gul Hayat Institute

هيٺ جَر مٿي مجر  پاسي پرين سندام
ڪوڙيين ڪاڄ سڏام[104]  اڻ سڏو ڪون رهيو.[105]

[104] منهنجا پنا راس ٿيا
[105] شاهہ جو رسالو (علامہ آءِ آءِ قاضي) ص: 349



سميون ڪري سينگار  راءُ ريجهائڻ آئيون
ڄام هٿ ۾ ڄار  ڄلي[106] ڄيڀرين[107] وچ ۾.[108]

[106] هلي وڃي
[107] مهاڻن
[108] شاهہ جو رسالو (علامہ آءِ آءِ قاضي) ص: 350

Gul Hayat Institute

# گھاتو

Gul Hayat Institute

نکـــا بـــوءِ بـــازار ۾ نکـــا چِلْـــر چـــٺ[109]
جتـــي ڏنيـــرين[110] جـــي اڳـــي هئـــي اکـــٺ[111]
ســـي پـــڙ پســـيو پـــٽ مـــاڻهو وجـــن موٺيـــا.[112]

---

[109] بدبوءِ
[110] وڏيون مڇيون
[111] گهٽائي
[112] شاهہ جو رسالو (ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ)، ص: 125

Gul Hayat Institute

# کیڈارو

Gul Hayat Institute

”پڳو“ آئون نہ چئان ”ماريو“ تہ وسهان
کاند منهن ۾ ڏکڙا سيکيندي سنهان[113]
تہ پڻ لڄ مران جي هونس پٽ ۾.[114]

Gul Hayat Institute

[113] مرکان
[114] شاهہ جو رسالو (شاهواڻي) ص: 668

آسا

Gul Hayat Institute

وسن[115] ۽ وهسن[116]    ڏيهائي ڏسڻ لاءِ

ڏسي ڏسي آئيون    توءِ تلاشون کن

ڏاپيو نہ ڏاپن    پسڻ منجهان پرين جي.[117]

[115] روئن

[116] خوش ٿين

[117] شاهہ جو رسالو (علامہ آءِ آءِ قاضي) ص: 117



اکين کي آئون    جان کي جهلون[118] پائيان

لوک لتاڙي ننڌ ۾    ساجن سوڻائون[119]

مون کي مارائون    پاڻ پرچي آئيون[120]

[118] منع کريان

[119] سجاتائون

[120] شاهہ جو رسالو (علامہ آءِ آءِ قاضي) ص: 116/ شاهہ جو رسالو (شاهواڻي) ص: 712

Gul Hayat Institute

اکـــــــــــڙين آرو[121] مونهـان پـڇـي نـہ کـيـو
اتـــي وجـــي اڙيـــون جـــت چـــوڻ نـــہ چـــارو
هينئـــــڙو ويچـــــــارو واٿـون جهليـو وجهلـي.[122]

121 عشق
122 شاهہ جو رسالو (علامہ آءِ آءِ قاضي) ص: 116/ شاهہ جو رسالو (ڊاڪٽر بلوچ) ص: 335.



اکيــون ســي ئـــي ڏار جن سان پسين پرينءَ کي
ٻـــي ڏي کـــيم نهـــار گهڻو ريسارا[123] سپرين.[124]

123 غيرتمند
124 شاهہ جو رسالو (علامہ آءِ آءِ قاضي) ص: 118/ شاهہ جو رسالو (ڊاڪٽر بلوچ) ص: 340

Gul Hayat Institute

سچڻ سنئيون[125] ڪن لوڪان ليڪي ونگيون[126]
سنديون سپيرين پرون[127] پروڙڻ ڏاڪڙو.[128]

125 سڌيون
126 ڏنگيون
127 رمزون
128 شاھہ جو رسالو (علامہ آءِ آءِ قاضي) ص: 123/
شاھہ جو رسالو (شاھواڻي) ص: 717



## سبحان اللهؒ

اوڳڻ[129] رسي سيڪو ڳڻين[130] پرين رٿام
ليڪيم جي لسان سين سي ڪر ڪِينَ ڪيام
پاڻ وجائي پانهنجا ٿورا ٿُڪ هَنيام
بندگي شرمندگي اها ميڙ مڪيام
پرين تڏ پر چيام ”آءُ“ جڏ اُٿِ ڳئي[131]

129 خرابي
130 خوبيون
131 شاھہ جو رسالو (ڊاڪٽر بلوچ) ص: 75/
شاھہ جو رسالو (علامہ آءِ آءِ قاضي) ص: 131

Gul Hayat Institute

اوڳــڻ رســي ســيکو ڳـڻــــين پـــرين رنــــام
ڀهـــون[132] ڀـــاروتڻ ۾[133] کـــوڙين کـــوڙ کيــام
تيلانهـــين ســـريام[134] سکنئون[135] سـور گهڻـا.[136]

Gul Hayat Institute

---

[132] گهڻون
[133] ننديپڻ ۾
[134] حاصل ٿيم
[135] سکن مان
[136] شاهہ جو رسالو (شاهواڻي) ص: 725

رپ

Gul Hayat Institute

جاءِ[137] نہ سچو ڏينهن      هينئڙو اوني وڳ جيئن
مون پريان سين نينهن      چنڊ ڪارڻ ڪون ڪيو.[138]

137 هڪ هنڌ
138 شاهہ جو رسالو (علامہ آءِ آءِ قاضي) ص: 683



ڪڪر منجهہ ڪپار[139]      جهڙ نيٽنوئن[140] نہ لهي
رات منهنجي روح ۾      اُتا[141] پرين اَپار
آءُ ساجن لهہ سار      وره وڪوڙي آهيان.[142]

139 پيشاني- مٿو
140 اکين مان آيا
141 ياد پيا
142 شاهہ جو رسالو (علامہ آءِ آءِ قاضي) ص: 684

Gul Hayat Institute

چيتـــاري[143] چونـــدياس ڳالهيون سپوئي سڄڻين
جـــهـ[144] مقابـــل ٿيـــاس تـہ سپ وجنم وسري.[145]

---

[143] يادڪري
[144] جي- جڏهن
[145] شاهہ جو رسالو (علامہ آءِ آءِ قاضي) ص: 686



ڳـــالهيون پيـــٺَ ورن ۾ وڏي وَڻَ ٿيــــــــــــون
پر[146] سين مون نہ ڪيون گوشي[147] پرين نہ گڏيا.[148]

---

[146] ڏارين
[147] اڪيلو
[148] شاهہ جو رسالو (علامہ آءِ آءِ قاضي) ص: 687

Gul Hayat Institute

# بروو سنڌي

Gul Hayat Institute

اج پڻ اکڙين سڄڻ پنهنجا ساريا
ڳلن تان ڳوڙهن جون بوندون بس نہ کن
سندي سک پرين لوک ڏٺي نہ لهي.[149]





کي اوڏائي ڏور کي ڏور بہ اوڏا سپرين
کي سنيرجن نہ کڏهن کي نہ وسرن سور
جيئن مينهن کنديئي پور تيئن دوست وارا کو دل سين.[150]



Gul Hayat Institute

جـــڏهانکر ٿيـــام سـاجاهہ[151] سـپيرين سـين
تـڏهانکر تـر جيتـرو ويـــر[152] نـــہ وســـريام
انـــدر روح رهيـــام سڄڻ اوطاقون[153] کـري.[154]

[151] سڄاڻپ
[152] وقت۔ پل
[153] جايون
[154] شاهہ جو رسالو (علامہ آءِ آءِ قاضي) ص: 635



کـڏهن طـاقيون[155] ڏيـن کڏهن کلن در دوست جا
کڏهن اچان اچڻ نہ لهان کـڏهن کـوٺيـو نـين[156]
کڏهن سکان سڏ کي کڏهن ڳجهاندر[157] ڳرهين[158]
اهڙائـــــي آهـــــين صاحب منهنجا سپرين.[159]

[155] دريون
[156] وٺيو وڃن
[157] ڳجهہ راز
[158] اورين
[159] شاهہ جو رسالو (ڊاڪٽر بلوچ) ص: 97

Gul Hayat Institute

ڪـــڙو منجهـــ ڪـــڙي      جيـــئن لوهـــار لپيٽيـــو
منهنجـــو جـــيءُ جـــڙي      سپيرين سوگهو ڪيو.[160]

[160] شاهہ جو رسالو (علامہ آءِ آءِ قاضي) ص: 638/
شاهہ جو رسالو (ڊاڪٽر بلوچ) ص: 90



اجـــان ڪوئـــ هيـــوم      آســارو تــنهن عشــق جــو
تہ محبوبن منٿون ڪري      ســـــڪڻ ســـــيڪاريوم
تنهـــان پـــوءِ ٿيـــوم      پـــاڙهي پســـڻ پـــانهنجو.[161]

[161] سيّد احسن الهاشمي صاحب مذڪوره بيت اينهين پڙهندو هئو. جيڪو بيحد وڻندو هئو. ساڳيو بيت علامہ آءِ آءِ قاضي هينئن ڇاڻايو آهي:

آٿارو تـنهن عشـق جـو      ڪـڍهن ڪـو نـ ٿيـوم
محبوبن منٿون ڪـري      ســـڪڻ ســـيڪاريوم
تنهـــان پـــوءِ ٿيـــوم      آرو پســـڻ پـرينءَ جـو

(شاهہ جو رسالو (علامہ آءِ آءِ قاضي) ص: 636)

Gul Hayat Institute

# رامكلي

Gul Hayat Institute

جان ڪي آهن اوطاقن ۾ تان ڪي ساٽن اور
ڏهہ ڏهہ پيرا ڏينهن ۾ پاڻ مٿائن گهور
وئيا جي هنگلور[162] تہ ڪرمين[163] ملنديئي ڪاپڙي.[164]

[162] هنگلاج
[163] قسمت سانگي
[164] شاهہ جو رسالو (علامہ آءِ آءِ قاضي) ص: 190/
شاهہ جو رسالو (ڊاڪٽر بلوچ) ص: 328

Gul Hayat Institute

كاپائتي

Gul Hayat Institute

نــ ســي وؤڻ وٽــن ۾      نــ ســي كاتــاريون[165]
پســـيو بـــازاريون      هينئڙو مـون لـوڻ ٿئي.[166]

---

[165] كتڙ واريون
[166] شاهہ جو رسالو (علامہ آءِ آءِ قاضي) ص: 678



تـــاجي توريـــائون      تــ عيــب نكتــا اڳــرا
كــوٺي كاپـائتن كــي      پـــــر ۾ پڇـــائون
اڳلـــڙي[167] آئـــون      مون كان پڙا[168] پڳا نہ ٿيا.[169]

---

[167] عيبدار
[168] كپهہ جون ڳنديون
[169] شاهہ جو رسالو (علامہ آءِ آءِ قاضي) ص: 679/
شاهہ جو رسالو (ڊاكٽر بلوچ) ص: 138

Gul Hayat Institute

کارایل

Gul Hayat Institute

اچـــو پـــاڻي لـــڙ ٿيـــو    كـــــــالورئو[170] كـــــنگن
اينـــــدي لــــــج مــــــرن    تنهن سر مٿي هنجهڙا.[171]

[170] ميروكيو
[171] شاهہ جو رسالو (علامہ آءِ آءِ قاضي) ص: 692/
شاهہ جو رسالو (شاهواڻي) ص: 849



آءُ اڏامـــــي هنجهــــــڙا    ســــــــر ۾ ســــــارينئي
متـــــان مـــــــارينئي    پـــاڙهيري[172] پهـہ كـري.[173]

[172] شكاري
[173] شاهہ جو رسالو (علامہ آءِ آءِ قاضي) ص: 694

Gul Hayat Institute

هـنجهن سـين هيكـار    جي ڳـڻ كـري[174] نهـارئين
ٻگهــن ســين ٻيهــار    هوندَ ٻيلهہ نہ ٻڌين كـڏهين.[175]

[174] مهرباني ڪري
[175] شاهہ جو رسالو (علامہ آءِ آءِ قاضي) ص: 693/
شاهہ جو رسالو (ڊاڪٽر بلوچ) ص: 155



ســرهو ســر وجــائيو    كـــوڙن كـــانئيرن
رتــا روهـــ[176] وجـــن    كنهن هيٽائيءَ كان هنجهڙا.[177]

[176] خراب ڪيو
[177] شاهہ جو رسالو (علامہ آءِ آءِ قاضي) ص: 697/
شاهہ جو رسالو (شاهواڻي) ص: 853

Gul Hayat Institute

# پرپاتي

Gul Hayat Institute

جــو ڏيهــاٽي ٿــو ڏي      مــگ تنهــين كــان مڱڻــا!
كـــوڙا در دنيـــا جـــا      جاجـــڪ مڱـــين جـــي
ســـيان تـــوهين كـــي      مــوٽي ڏيـنـدا مــنهن ۾.[178]

Gul Hayat Institute

[178] شاھ جو رسالو (علامہ آءِ آءِ قاضي) ص: 144/ شاھ جو رسالو (ڊاڪٽر بلوچ) ص 147

ڈھر

Gul Hayat Institute

وڳـــر ويـــا وهـــي　　　　كالهہ تنهنجا كـونجڙي
كنــديئن كــوه رهــي　　　　ســر ۾ ســپيرين ري.[179]

---

[179] شاهہ جو رسالو (علامہ آءِ آءِ قاضي) ص: 658/
شاهہ جو رسالو (ڊاكٽر بلوچ) ص: 171



وڳـــر كيـــو وتـــن　　　　پـــرت نـــہ چـــنن پـــاڻ ۾
پســـــو پكيئـــــڙن　　　　ماڙهنئان[180] ميٺ گھٽو.[181]

---

[180] ماڻھن كان
[181] شاهہ جو رسالو (علامہ آءِ آءِ قاضي) ص: 658/
شاهہ جو رسالو (ڊاكٽر بلوچ) ص: 170

Gul Hayat Institute

سامونبي

Gul Hayat Institute

بيڙيءَ جي پُٽَن  نينهن نہ ڪجي اُن سين
اپيون ڏنپ ڏسن  جہ سڙهہ ڏيئي سير ٿيا.[182]

---

[182] شاهہ جو رسالو (علامہ آءِ آءِ قاضي) ص: 321/
شاهہ جو رسالو (ڊاڪٽر بلوچ) ص: 108



هينئڙو بيڙيءَ جان  ڏُتڙ پئي ڏينهن ٿيا
پڇيو تان نہ پريان  ڪر لاهو ٿي ڪڏهين.[183]

---

[183] شاهہ جو رسالو (علامہ آءِ آءِ قاضي) ص: 329/
شاهہ جو رسالو (ڊاڪٽر بلوچ) ص: 110

Gul Hayat Institute

سـر نسـريا پانـڌَ      اُتـر لڳـا آءُ پـرين
مـون تـو كـارڻ كانـڌ      سهسين سكائون كيون.[184]

---

[184] شاهہ جو رسالو (علامہ آءِ آءِ قاضي) ص: 322



سـر لـوهيڙا ڳيئيـا[185]      ڪُسـر نسـريا
تـو كيـئن وسـريا      ڍوليـا ڏيـنهن اچـڻ جـا.[186]

---

[185] ڦٿا
[186] شاهہ جو رسالو (علامہ آءِ آءِ قاضي) ص: 322

Gul Hayat Institute

جيڪر اڇي هاڻ ته ڪريان روح رچنديون[187]
آيل ڏولئي ساڻ هوند ڳرلڳي[188] ڳالهيون ڪريان.[189]

[187] راضي ڪندڙ رهاڻيون.
[188] ڀاڪري وجهي.
[189] شاهه جو رسالو (علامه آءِ آءِ قاضي) ص: 322/ شاهه جو رسالو (ڊاڪٽر بلوچ) ص: 110.



آيل ڏولئي ساڻ اڇي ته جهيڙيان
لائي ڏينهن گهڻا مون سين ڪيئي ٽوڙڙا.[190]

[190] شاهه جو رسالو (علامه آءِ آءِ قاضي) ص: 322

Gul Hayat Institute

لاهيـنــدا ئـــي كـــن　　ڳــالهيون هلــڻ ســنديون
ڏيـنــدا مـــون ڏكـــن　　وه وجهنـــدا جنـــدڙو.[191]

[191] شاهہ جو رسالو (علامہ آءِ آءِ قاضي) ص: 323



مـــونكي جيـــاريو　　پــرين جــي ڳالهــ كــري
ڊٿـــو اڄ اڏيــــو　　هينئڙو كوٽ برج جيئن.[192]

[192] شاهہ جو رسالو (علامہ آءِ آءِ قاضي) ص: 323/
شاهہ جو رسالو (ڊاكٽر بلوچ) ص: 110.

Gul Hayat Institute

ننگـــــر ۾ نـــــاڙيون      پڳهـــ ڪڻـــي پنـــڊ پيـــا
بنـــــدر بــــــازاريون      ســـجا ســـاموندين ري.[193]

[193] شاهہ جو رسالو (علامہ آءِ آءِ قاضي) ص: 318



نـ سـي تـڙ هـوڙاڪ[194]      نـ وايـون وڻجـارن جـون
سـرتيون سـاموندين جـا      اڄ پـــڻ چڪـــيم چـــاڪ
مـــــارينم فـــــراق      پـاڙيچيون[195] پـرين جـا.[196]

[194] پيڙيون
[195] پاڙي واريون
[196] شاهہ جو رسالو (علامہ آءِ آءِ قاضي) ص: 318

Gul Hayat Institute

سيئي جوين ڏينهن      جڏهن سجڻ سفر هليا
روئان رهن نہ سپرين      آيل کريان کيئن
مون کي چاڙهي چيئن      ويو وڻجارو اوهري.[197]

[197] شاهہ جو رسالو (علامہ آءِ آءِ قاضي) ص: 318



ويا اوهري اُوءِ      مون کي ڇڏي ماڳهين
جڳن جا جڳ ٿيا      تئان نہ موٽيو کوءِ
گونڊر مارينڊوءِ      ويچاريءَ وئن[198] جو.[199]

[198] ويئلن-جدا ٿيلن
[199] شاهہ جو رسالو (علامہ آءِ آءِ قاضي) ص: 319

Gul Hayat Institute

جـــــي ويـــــــڙم اڄ　　سي ڪـڌهن ايـنـدا مـانءُ ڳـري
پريـان جـي هـن پـار ڏي　　وجـــــي ڏنـڪـــــي ڏڄ
ســــامـونـديـڪـو ڏجـهـــ[200]　　مـاءِ! مـاريـنـدم ڪـڌهين.[201]

---

[200] ساڙ- غم
[201] شاهه جو رسالو (علامه آءِ آءِ قاضي) ص: 318



وجـئـــي وســـري شـــال　　جــو تــو ســودو ســڪـئـو
اجـــا آئـــين ڪـــــال　　پــڻ ٿـو سـفـر سـنـبـهـين.[202]

---

[202] شاهه جو رسالو (ڊاڪٽر بلوچ) ص: 108

Gul Hayat Institute

ساموندي ساري    متي تر گذاريان
مونکي تي ماري    اُنهين سندي ڳالهڙي.[203]

203 شاهہ جو رسالو (علامہ آءِ آءِ قاضي) ص: 320



اڄ پڻ وايون کن    وڻجارا وڃڻ جيون
هلڻ هارا سپرين    روئان تان نہ رهن
آئون جهليندي کيترو    آيل! ساموندين
پڳهہ ڇوڙي جن    وڏا ٻيڙا ٻار ۾.[204]

204 شاهہ جو رسالو (علامہ آءِ آءِ قاضي) ص: 333

Gul Hayat Institute

لاهيان جي نہ چتان — الا اُن ۾ وسران

مڙهيو منجهاران — جيءُ منهنجو جن سين.[205]

[205] شاهہ جو رسالو (علامہ آءِ آءِ قاضي) ص: 334



اولا[206] کٽي اوءِ — پکھہ چوڙي پنڌ پيا

آيل! سامونڊين جي — آه اڙانگي جوءِ[207]

کڏهين ڏسنديس روءِ[208] — وري هن اکين سين.[209]

[206] پيڙي جو ڳن

[207] هنڌ ـ ماڳ

[208] منهن

[209] شاهہ جو رسالو (علامہ آءِ آءِ قاضي) ص: 334

Gul Hayat Institute

اُپيون تڙ پوڄين وهون[210] وڻجار جون
آڻيو اکا ڏين ڪثوري سموند کي.[211]

[210] ونيون
[211] شاهہ جو رسالو (علامہ آءِ آءِ قاضي) ص: 336



جنين ڪارڻ مون ٿي، تڙ پوڄارا پوڄيا
پنيم اميدون سيئي سڄڻ آئيا[212]

[212] شاهہ جو رسالو (علامہ آءِ آءِ قاضي) ص: 208

Gul Hayat Institute

جا جر جاڻون[213] نہ ڏئي      ڏيـــا نـــہ مـــوهي[214]
ســڌون كــوه كــري      سا پنهنجي كانڌ جيون.[215]

[213] سكا
[214] ٻاري اُڇلائي
[215] شاهہ جو رسالو (علامہ آءِ آءِ قاضي) ص: 337



هــي سَــجَڻَ ســيئي      جــي مــون كــوڏ نهاريـا
اينــدم جـــان پيهـــي      تـہ سـپ لاهيندم ڏكـڙا.[216]

[216] شاهہ جو رسالو (علامہ آءِ آءِ قاضي) ص: 324

Gul Hayat Institute

مون اُپي تڙ وٽ پرين پڳهه چوڙيا
ڪا منهين ۾ گهٽ نہ تہ سڄڻ سڀاجها گهٽون[217]

[217] شاهہ جو رسالو (علامہ آءِ آءِ قاضي) ص: 326/
شاهہ جو رسالو (ڊاڪٽر بلوچ) ص: 106.



مون اپي تڙ جهل پرين پڳهه چوڙيا
ڪا منهين ۾ اَل نہ تہ سڄڻ سڀاجها گهٽون.[218]

[218] شاهہ جو رسالو (علامہ آءِ آءِ قاضي) ص: 327/
شاهہ جو رسالو (ڊاڪٽر بلوچ) ص: 107.

Gul Hayat Institute

وڻجارن وري   پره پڳهه چوڙيا
اوليون پسي ان جيون   پئڙم ڳچ ڳري
ويند يس ماءِ! مري   ساري ساموندين کي.[219]

219 شاهہ جو رسالو (علامہ آءِ آءِ قاضي) ص: 328



وڻجاري کانڌاءِ   مون ور ويٺي گهارئو
لڳي اُتر واءُ   ڏوليو هلڻ جيون کري.[220]

220 شاهہ جو رسالو (علامہ آءِ آءِ قاضي) ص: 329

Gul Hayat Institute

ڏٿـــــــي ڏيـــــــاري سـاموندين سـرھ سـنپاھيا
وجھيـو ور ونجَھـہ کـي روئـــــــي وڏجـــــاري
مارينـــــــدءِ مـــــــاري پــره ســور پــرين جــا.[221]

[221] شاھہ جو رسالو (علامہ آءِ آءِ قاضي) ص: 330

Gul Hayat Institute

**سارنگ**

Gul Hayat Institute

آگـــم ايـــئن نـــہ انـــگَ      جهـــڙو پســـڻ پـــرينءَ جـو
سـيـٽن ريءَ سـيّد چئـي      روح نـــہ رُچـــن رنـــگَ
سهســين ٿيـا سـارنگَ      جـــاني آيـــو جـــوءِ ۾.[222]

[222] شاهہ جو رسالو (علامہ آءِ آءِ قاضي) ص: 259



اڄ پـــڻ اُتـــر پـــار ڏي      تـــاڙي كـــي تنـــوار
هـــارين هـــر سـنباهيا      ســـرها ٿيـــا ســـنگهار
اڄ پـــڻ منهنجـــي يـــار      وســـڻ جـــا ويـــس كيـــا.[223]

[223] شاهہ جو رسالو (علامہ آءِ آءِ قاضي) ص: 261/
شاهہ جو رسالو (شاهواڻي) ص: 684.

Gul Hayat Institute

اڄ پڻ اُتر پار ڏي ڪڪر ڪي چوٽي
منڊائتي مينهن جي ڪيوڻ نہ ڪوٽي
آءُ لالڻ موٽي گھوريا رسڻ ڏينهڙا.[224]

224 شاهہ جو رسالو (ڊاڪٽر بلوچ) ص: 408



اڄ پڻ اُتر پار ڏي ڪارا ڪڪر ڪيس
وڄون وسڻ آئيون ڪري لعل لبيس
پرين جي پرديس مونکي مينهن ميڙيا.[225]

225 شاهہ جو رسالو (علامہ آءِ آءِ قاضي) ص: 261

Gul Hayat Institute

اج پڻ اميدون      آگم سنديون اُپ ۾
سانوڻ پسي سرتيون      سجڻ ساريو مون
آءُ آسائتي آهيان      مان پچائي پون
گهر تہ گهرجين تون      مند مڙيوئي مينهن جي.[226]

[226] شاهہ جو رسالو (علامہ آءِ آءِ قاضي) ص: 262



وسڻ اکڙين جيئن      جي هوند سگئين مينهن
تہ هوند راتو ڏينهن      بس بوندئون نہ ڪريين.[227]

[227] شاهہ جو رسالو (علامہ آءِ آءِ قاضي) ص: 263

Gul Hayat Institute

ڪڪر منجهہ ڪپار جهڙ نيٽئون نہ لهي
جهڙا منهنجا سپيرين تهڙا مينگهہ ملار
ڪڻ اڪيون ڪل يار تہ وجن سور سنڌا ڪيو.[228]

[228] شاهہ جو رسالو (علامہ آءِ آءِ قاضي) ص: 264



جهڙ نيٽئون نہ لهي ڪڪر هون نہ هون
ساريو سپيرين ڪي لڙڪ ڳلن سين پون
سي مر رويو رون جن مسافر سپرين.[229]

[229] شاهہ جو رسالو (علامہ آءِ آءِ قاضي) ص: 264

Gul Hayat Institute

اڱڻ تازي ٻهر کنڌيون      پکا پٽ سونهن
سرهي سيج، پاسي پرين      مر پيا مينهن وسن
اسان ۽ پرين      شال هون برابر ڏينهڙا.[230]

230 شاهہ جو رسالو (علامہ آءِ آءِ قاضي) ص: 264



مينهان ۽ نينهان      ٻئي اکر هيکڙي
جي وسڻ جا ويس ڪري      تہ ڪڪر ڪن ڪيهان
بادل ٿي بيهان      جي آگم اچڻ جا ڪرين.[231]

231 شاهہ جو رسالو (علامہ آءِ آءِ قاضي) ص: 268

Gul Hayat Institute

موت منهنجا سپرين — آڻيئي اللهﷻ

توکي ساريو ساهه — اکنديون آهون کري.[232]

---

232 شاهه جو رسالو (علامه آءِ آءِ قاضي) ص: 271



آگم کيو اچن — سڄڻ سانوڻ مينهن جئن

پاسي تن وسن — جي سڀ ڇماندر سکيا.[233]

---

233 شاهه جو رسالو (علامه آءِ آءِ قاضي) ص: 271

Gul Hayat Institute

ڏَٿِ ڏِري پٽ پيون ٿيا ولهارن ويءَ
سورج قمر نہ پاڙيان سيٽن جي شبيهہ
جي جانب اندر جيءَ سي پرين پيهي گهر آئيا.[234]

234 شاهہ جو رسالو (علامہ آءِ آءِ قاضي) ص: 276



ڏَٿِ ڏَري پَٽ پِيون وڄن کيو واڄو
پکو پنهنجي پرين لءِ سبي کر ساڄو
سڄڻ سباجهو پيج ينيءَ گهر آئيو.[235]

235 شاهہ جو رسالو (علامہ آءِ آءِ قاضي) ص: 277/
شاهہ جو رسالو (شاهواڻي) ص: 699.

Gul Hayat Institute

آگمجي آئيون اتران ڪري اور
جي پرين هئڙا ڏور سي، مون کي مينهن ميڙيا.[236]

---

[236] شاهه جو رسالو (علامه آءِ آءِ قاضي) ص: 279/
شاهه جو رسالو (ڊاڪٽر بلوچ) ص: 410.



موتِي ماندائڻ جي، واري ڪيائين وارَ
وِڄُون وَسَڻ آئيون چوڏِسِ ٿي چوڌارَ
ڪي اُٿيون استنبول تي، ڪي مجيان مغرب پارَ
ڪي چِمڪَنِ چِين تي، ڪي لَهَنِ سَمَرقَندَ سارَ
ڪي رَمي ويئيون رومَ تي، ڪي ڪابُلَ، ڪي قنڌار
ڪي دِهلِي، ڪي دَکَنِ، ڪي گُڙَنِ مَٿي گِرنارَ
ڪن جُنبِي جيسلمير تان، ڏنا بيڪا نير بَڪارَ
ڪنهين ڀُڄُ ڀڃائيو، ڪنهين ڍَٽَ مٿاهين ڌارَ
ڪنهين اَچِي عُمَرڪوٽ تان، وَسايا وَلَهارَ
سائينج! سَدائين ڪَرِين مَٿي سِنڌ سُڪارَ
دوستَ! مِٺا دِلدارَ! عالَمَ سَڀ آباد ڪَرِين.[237]

---

[237] شاهه جو رسالو (علامه آءِ آءِ قاضي) ص: 274/
شاهه جو رسالو (ڊاڪٽر بلوچ) ص: 412.

Gul Hayat Institute

# مددي ڪتاب

- شاهه جو رسالو، علامه آءِ آءِ قاضي، سنڌي ادبي بورڊ، 1986ع، ڇاپو ٻيو.
- شاهه جو رسالو، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، ثقافت ۽ سياحت کاتو، حڪومت سنڌ، 2009ع، ڇاپو ڇهريون.
- شاهه جو رسالو، ڀانهون خان شيخ، شاهه عبداللطيف چيئر ڪراچي يونيورسٽي، 2000ع.

Gul Hayat Institute